ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

# ڊاڪٽر بلوچ : سنڌي موسيقيءَ لاءِ ڪيل عملي ۽ علمي خدمتون

***Abstract***

**Dr. N. A. Baloch: His contribution towards development of Sindhi music**

*Dr. N. A. Baloch, a versatile writer of Pakistan contributed several books and research articles on history, culture and literature. Dr. Baloch mainly wrote in Sindhi language but he also contributed in English.*

*So far as music is concerned Dr. Baloch wrote some books both in Sindhi and English. His books in English are prominent on Musical instruments of Lower Sindh, and development of Sindhi music. His book which can be considered as Bible of Sindhi music is "Brief History of Sindhi music." The present paper describes this book in details. Not only scholarly contribution of Dr. Baloch is the main theme of this article, but also points on his efforts for the help to artists, whom he introduced to media have been highlighted. Dr. Baloch visited small villages for collection of folk lore material and brought the vocalists and instrumentalists to radio and stage etc.*

*Present paper throws light on both aspects of his contribution i.e. upliftment of artists and development of Sindhi music.*

**اندازاً** ڏهين بجي صبح جو وقت هو. سيوهڻ قلندر ڪانفرنس لاءِ حيدرآباد ڪان روانا ٿيا هئاسين. اهو 2004ع وارو سال هو. تاج صحرائيءَ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ بندي لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڊاڪٽر صاحب جي گهر ڪار موڪلي هئي. اجان

جام شوري کان اڳتي مس وڏيا هونداسين جو ڊاڪٽر صاحب ڊرائيور کان پڇيو ته، "ابا! ڪو ڪافين جو ڪئسٽ هجي ته لڳاءِ!" ڪئسٽ لڳو، اجان فنڪار ٿلهه کان مصرع ڏي وڏيو مس ته ڊاڪٽر صاحب جو ڪنڌ ساڄي ۽ کاٻي تحرڪ ۾ اچي ويو ۽ ڪافيءَ تي مست ٿي ويو، پنيان ڪنڌ ورائي چيائين، "الهڏنو ماڇي آهي، اصغر سائينءَ جي ڪافي آهي." "واهه واهه، واهه واهه!" ڊاڪٽر صاحب جي هن طرح بي ساخته داد مان سندن ذوق جي خبر پئي.

راڳ سنگيت، ڪافي ڪلام ۽ سگهڙن جي سينن جي ڦلور ڊاڪٽر صاحب جن 1946ع جي ابتدا کان ڪئي. ميرپور ساڪري ۽ اُٿل (لس ٻيلي) ۾ سگهڙن سان ڪچهريون ڪري بيت ۽ ڪافيون نوٽ ڪيائون ۽ موسيقيءَ بابت به مواد هٿ ڪندا ويا. ان سان گڏ ڳائڻن ۽ وڄتن کي ريڊيو پاڪستان ۽ ڀٽ شاهه جي لطيف اسٽيج ڏانهن ڇڪيندا ويا. شاهه محمد فقير (نابينا) کي اسٽيج ۽ ريڊيو تي آندائون. ٻيا ڪيترا فنڪار به سگهڙن جي محفلن مان هٿ ڪيائون. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ شعبه تعليم جي منصب تي رهي، هر آچر جو ڏينهن شڪار ۽ لوڪ ادب جي ڳولا لاءِ مخصوص ڪيائون ۽ آخر لوڪ ادب جي رتا به مڪمل ٿي.

نه رڳو ايترو پر موسيقيءَ بابت مقالا، ڪتابڙا ۽ مفصل ڪتاب تحرير ڪيائون، انهن ۾ خاص هي آهن.

## مقالا ۽ مونوگراف:

The Tanboor of Tamar Faqir, 1961.
Shah Abdul Latif : The founder of new music tradition. 1959-60.
Folk music of Mehran valley. 1970.
Folk dances of W.Pak.

## ڪتاب:

Musical instruments of lower Sindh. 1973.
راڳ نامو (صادق فقير) 1981ع.
سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ، 1978ع.
علم موسيقي (رمضان واڍو)، 2006ع.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سنڌي موسيقيءَ جي اوسر، 2010ع.

پٽ شاهه ثقافتي مرڪز پاران سندن هٿ هيٺ رسالي جي ابتدائي سُرن بابت جيڪي جرنل شايع ٿيا، انهن ۾ سُرن جي موسيقيءَ بابت مقالا لکائي هن شعبي جي همت افزائي ڪيائون.

صادق فقير جو ڪلام ”راڳ نامو“ ڪلام جي مدنظر بہ ايڊٽ ڪيائون ۽ موسيقيءَ جي ڪري بہ ان ڪي اهميت ڏنائون جو ان ۾ ڪن سُرن جا سِرا رسالي کان مختلف هئا. مقدمي ۾ اهڙي وضاحت ڪيائون.(1)

”علم موسيقي“ رمضان واڍي جو ڪتاب آهي، جنهن ليکڪ راڳن ۽ تالن، ناچ، بحر وزن ۽ ٻين لاڳاپيل شعبن جو تذڪرو ڪيو آهي. ٻن راڳن جي ميلاپ سان واڍي جيڪي نتيجا ڪڍيا آهن سي راڳ جي اصولن موجب غلط آهن.(2) ليکڪ مارئيءَ کي بہ راڳڻي ڄاتو آهي سو بہ غلط آهي. مارئي ڪابہ راڳڻي نہ آهي، پر موضوع موجب داستان آهي.(3)

جنهن ڪتاب ڊاڪٽر صاحب جن جي راڳ سنگيت ڏانهن علمي دسترس کان اسان کي واقف ڪيو سو ”سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ“ آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ ۾ رائج راڳ جي سلسلن ۽ روحاني نوعيت جي سنگيت جو بہ ذڪرڪيو ويو ۽ راڳ جي باري ۾ ڪيل جاکوڙي ۽ کاهوڙ جا نتيجا ڏنا ويا آهن. هن سلسلي ۾ سنڌ جي راڳ جي قديم تاريخ کان وٺي ايراني راڳ جي اثر، شاهه جي راڳ ۽ گوياڻي راڳ جي روايت سان گڏ فنڪارن جو بہ ذڪر ڪيو ويو آهي. ان سان گڏ ڪافين واري باب ۾ ڪافي ڳائيندڙ وڏن فنڪارن جو بہ تذڪرو ڪيائون. ڊاڪٽر صاحب جي هيءَ تصنيف اُن ڪري بہ اهم آهي تہ قديم سنڌ واري اوائلي دور جي سنڌي موسيقيءَ جو ذڪر هن ڪتاب ۾ آهي. ڪٿي ڪٿي فني رايا بہ ڏنا ويا آهن. ڪتاب جا ابتدائي ٽي باب (1-2-3) قديم دؤر جي سنڌي موسيقي، اوائلي تاريخي دور ۾ سنڌي ۽ ايراني موسيقيءَ جو پيوند، ۽ اوائلي اسلامي دؤر ۾ سنڌي موسيقيءَ جو وچ مشرق ۽ اندلس ۾ پهچڻ، سنڌي موسيقيءَ جي ابتدائي تاريخ بابت آهن. سنڌ ۾ رائج موسيقيءَ جي روايتن ۽ عرب، ايران، ترڪي ۽ اسپين (اندلس) سان باهمي ربط ۽ اثر نفوذ جو نقش چٽيو ويو آهي. هي هڪ طرح سان ايندڙ بابن ۾ آيل موسيقيءَ جي مختلف قسمن: مولود، ڏهر، جماعتي راڳ، شاهه جي راڳ ۽ گوياڻي راڳ جي اپٽار ۽ اوک ڊوک جي پس منظر طور آيو. ٽئين باب ۾ ڊاڪٽر



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

صاحب سنڌي نسل جي وڏي فنڪار زرياب جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن بابت بنيادي معلومات عربي ماخذن ۾ موجود آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي گڏ ڪيل معلومات تفصيلي آهي. هن کان سواءِ زرياب بابت سنڌ يونيورسٽيءَ جي فارسي شعبي جي اڳوڻي سرواڻ استاد ڊاڪٽر قاضي نبي بخش جو هڪ انگريزي مقالو سنڌ يونيورسٽي ريسرچ جرنل ۾ ڇپيو هو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب زرياب بابت هن طرح لکيو آهي:

”ابوالحسن علي بن نافع جيڪو زرياب جي عرف عام سان مشهور ٿيو، سو پنهنجي دؤر جو ماهر ترين موسيقار هو. بلڪ دنيا ۾ جيڪي به وڏي ۾ وڏا ماهر موسيقار ٿي گذريا آهن، تن مان پهرين صف جو هو. 775ع ڌاري بغداد جي هڪ غلام گهراڻي ۾ ڄائو. هُو اجان ڇوڪرو هو جو سندس ذوق ۽ ذهن کيس راڳ جي اُها تہ ڏات ڏني جو اُن کان متاثر ٿي خليفي مهديءَ (85-775ع) کيس آزاد شهري بنايو. اُن کانپوءِ بغداد جي مشهور ۽ ماهر راڳيندڙ ۽ خليفي هارون الرشيد (786-908ع) جي درٻاري موسيقار اسحاق موصلي کيس پنهنجو شاگرد ڪري ڪنيو. سگهو ئي سندس قابليت جي هاڪ هُلي ويئي جو خليفي جي درٻار ۾ پيش ٿيو. خليفي کي ايترو تہ متاثر ڪيائين جو اُستاد اسحاق سندس رقيب ٿي پيو ۽ کيس چيائين تہ بہ شينهن ٻيلي ۾ نہ ٿهندا، جي چڱو ڀانئين تہ بغداد ئي ڇڏي وڃ. زرياب بغداد کي الوداع چئي آفريڪا پهتو ۽ قيروان جي سلطان زيادت الله (816-837ع) جو درٻاري موسيقار بڻيو.“(4)

ڊاڪٽر صاحب، زرياب جي سنڌي نسل جي ڳالھ ڪئي، پر ڪن محققن پاران کيس ايراني قرار ڏيڻ جو بہ حوالو ڏنو آهي.(5) زرياب تخلص يا لقب بہ ايراني (فارسي) لڳي ٿو، جيئن: دستياب، ڪمياب ۽ فتح ياب وغيره. محققن کيس ڪارو بہ سڏيو آهي. کيس ڪارو مٺيون ٻوليون ٻوليندڙ پکي سڏيو اٿن. لفظ جون ٻيون معنائون بہ ڪديون ويون آهن.(6) بهرحال عزت، دولت ۽ شهرت سان مالامال ٿيو. ڊاڪٽر صاحب جي لکڻ موجب ٻيا سنڌي بہ اولھ ڏانهن ويا ۽ خاص طور اندلس (اسپين) پهتا. چوٿون باب سنڌي ۽ هندوستاني موسيقيءَ جي لاڳاپن بابت آهي. اُن ۾ ڊاڪٽر صاحب سنڌي موسيقيءَ جي مستقل ۽ منفرد حيثيت جي بہ ڳالھ ڪن ٿا. هن ڪتاب ۾ شاھ عبداللطيف جي حوالي سان ڪُل ڇھ باب (5-6-7-8-9 ۽ 10) لکيا ويا آهن. هي باب سنڌ جي راڳ ۾ هند جو اثر، شاھ جو راڳ هڪ ادارو، شاھ جي راڳ جي تنظيم، دنبوري جي ايجاد ۽ نوعيت ۽ راڳ، تمرفقير کان وٺي اڄ تائين جو تذڪرو آهي. اُن سڄي سلسلي کي هتي

وري بيان ڪرڻ طوالت جو باعث ٿيندو. هي ڇهه ئي باب وڏي محنت ۽ ذوق جي زير اثر لکيا ويا آهن. شاهه ۽ موسيقيءَ جا سڀ پهلو بحث هيٺ آيا آهن ۽ خيال ٿو ڪيو وڃي ته شايد ڊاڪٽر صاحب جي سوچ ۽ ڪوجنا جو موضوع بس اهو ئي هڪ آهي، يعني راڳ ۽ سنگيت. هي ان ڪري آهي جو جنهن به موضوع ۾ هٿ وڌائون تنهن کي مڪمل طور روشن ڪيائون. عملي طور به شاهه جي راڳ ۽ راڳاين سان سندن گهرو ۽ سڌو رابطو هو.

هن سلسلي ۾ نائين باب جو اپياس ڪبو ته هن باب ۾ شاهه جي سُرن جي سنگيت ۽ ڪلاسيڪل راڳ جي پيٽان پيٽي ڪري ٻن ماهرن سائين غلام شاهه ۽ استاد منظور علي خان جي ساٿ سان نتيجا ڪڍڻ ۽ تعلق ڏيکارڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي اٿن.(7)

هيءَ عملي ۽ تجرباتي نشست ٻن اڪابرن جي مدد سان ٿي ۽ شاهه جي راڳ جي پرک توڙي ڪلاسيڪل سان لاڳاپن جي نوعيت جو جائزو هن ميدان ۾ منفرد انداز جو عمل هو. سائين غلام شاهه آلاپيو ۽ اُن آلاپ جي مدنظر منظور علي خان اروهي ۽ آوروهي متعين ڪئي. ڪٿي پوزيشن واضح نه هئي ته فاني ۽ عارضي فيصلو ڪيو ويو.(8)

اڪثر سُرن بابت حتمي راءِ به قائم ڪئي وئي. نمونو هي آهي:

شاهه جو راڳ	: هندوستاني موسيقيءَ جي لحاظ سان تشريح

ڪلياڻ	:ڄڻ يوپالي ڪلياڻ، مگر اتفاق سان ان ۾ نڪاد جو سُر به لڳي ٿو.

جمن (يمن)	: وادي سُر رکب معلوم ٿيو. به خيال: هڪ ته ڄڻ ڇايا نٽ سان لڳي ٿو ۽ ٻيو ته ڄڻ جيجيونتي سان مشابهه آهي.

ڪنيات	:ڪماچ

حسيني	:ڪنياوتي

سورٺ	: ڄڻ ديس سان ملندڙ

آسا	: آسا

مارئي	: ڄڻ ماند سان ملندڙ

ڪاموڏ	: ڄڻ ڪيدارا. مگر ڪيدارا جي ٻنهي نڪادن کي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

لچڪائبو.

ڊاڪٽر صاحب جي هن فهرست سان ڪي سُر حوالي طور آندا ويا آهن ۽ ڪن جي پيٽ جو ڪين وقت نہ مليو.(9)

ادب ۽ احترام سان عرض ڪندس تہ شايد سائين غلام شاهہ سُرن جا جيڪي آلاپ ڪيا سيٓ وقت گذرڻ سان اصل راڳ راڳڻيءَ ڪان هٽي چڪا هئا. ٻيو تہ ڪن راڳائي فقيرن هڪ ٻئي سان اختلاف سبب سُرن ڪي هڪ ٻئي جي ادائگيءَ ڪان بہ جدا ڪري ڇڏيو، نہ تہ ڪنهن سُر لاءِ شڪ ظاهر ڪرڻ ۽ ڇڻ يا مشابهہ لکڻ جي ضرورت نہ پئي ها.

رسالي جو ڪلياڻ يقيناً ڪنهن نہ ڪنهن ڪلياڻ سان ملي ٿو. ڊاڪٽر صاحب صحيح نتيجو ڪڍيو آهي. يمن بہ ڪلاسيڪل موجب ٺئي هجڻ ڪپي. ايمن ٿي سگهي ٿو. ديس ۽ سورٺ بہ راڳڻيون آهن. رياضيءَ وانگر ڪلاسيڪل جي سيني راڳ راڳڻين جا آروهي، اوروهي ۽ تيور ڪومل سُر مقرر آهن. ادا ڪرڻ واري جي پل جي ڪري شڪ پيدا ٿئي ٿو. سورٺ خود هندوستاني راڳ مالا ۾ درج ٿيل آهي. فقير الهہ بچائي تمراڻي جي آواز ۾ مون وٽ رڪارڊ ٿيل آهي. بلڪل ڪلاسيڪل واري آهي.(10) مارئي نالي ڪو راڳ موجود نہ آهي. البت هڪ راڳ مارو بهاڳ موجود آهي. ڪاموڏ ۽ ڪيدارا ۾ فرق آهي. ويجهو هجڻ تہ ڪومل تيور سُرن جي ڪري ٿئي ٿو. آلاپ جي ڪري شڪ پئجي سگهي ٿو، جو اُهو مبهم هوندو.

ڊاڪٽر صاحب هيءَ پيٽ ۽ جاکوڙ اُن ڪري ڪئي جو ڪين اِهو خيال هو تہ شاهہ جي سُرن ۽ ڪلاسيڪل ۾ ربط آهي.

2009ع ۾ ڀٽ شاهہ تي ادبي ڪانفرنس ۾ مون پرياتيءَ تي مقالو پڙهيو. ڊاڪٽر صاحب صدارت ڪري رهيا هئا. پنهنجي صدارتي خطاب ۾ فرمايائون تہ، ”اسان جو سنڌي راڳ، هند جي ڪلاسيڪل سان ڪوبہ ربط نٿو رکي.“ منهنجا مقالا اٽڪل 15 رسالي جي سُرن جي موسيقيءَ تي اڳ بہ هئا. هن موقعي تي پاڻ مون لاءِ تمام شفقت ڀريا لفظ بہ چيائون، پر راءِ جو اختلاف بہ ظاهر ڪيائون: ”ڪرناٽڪي راڳ هڪ صوبي جو راڳ آهي ۽ اُن ڪري اسان جو سنڌ جو راڳ بہ سنڌ صوبي يا ملڪ جو راڳ آهي.“ ڊاڪٽر صاحب جو خيال بدليو هو. گذريل ٻن سالن (2009-2010ع) ۾ آءٌ اٽڪل ڇهہ ست ڀيرا سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس پر همت نہ ٿيم. اڄ بہ ڪجهہ نٿو اُڃهيم. اسان

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جي رهنمائي گهڻي ڪيائون. زير مطالع ڪتاب ۾ خاص طور شاهه جي ڪلام ۽ گائڪيءَ بابت سندن رهبري وساري نہ سگهبي.

يارهين باب ۾ ڪافين ۽ ڪافين جي موسيقيءَ جي باري ۾ نئين معلومات ڏني اٿن. جنهن ۾ مولود ن ۽ فقرائي راڳ ۽ سُنگ جو تذڪر ڪيو اٿن.

ٻارهين باب ۾ ذڪر ۽ ذڪري سماع، ڀٽ شاهه تي ذڪر، سيد عبداللطيف قادريءَ جي ذڪر، ملتان جي ڏهرن ۽ مخدوم نوح جي ڏهرن جو ذڪر ڪندي، ميران پور جي سماع، پير صاحب پاڳاري جي جماعتي راڳ ۽ مولودن جي شغل جو بہ بيان ڪيو ويو آهي.(11) هي ذڪر، سماع، ڏهر ۽ مولود سڀ بنا سازن جي ٿيندو آهي.

آخري بہ باب موجوده ديس ڳائڻ ۽ گوياڻي راڳ بابت آهن. انگن اکرن سان هي ٻہ باب بہ منفرد آهن ۽ محنت سان لکيل آهن. گوين ۽ انهن جي گهراڻن جو تذڪرو بہ نهايت قابل قدر آهي. حقيقت ۾ هي ڪتاب ڊاڪٽر صاحب جن جي راڳ سنگيت سان شوق جو مظهر آهي. سيوهڻ ويندي الهڏني ماڇيءَ جي ڪافيءَ تي مست ٿي وڃڻ جي ڳالهه هن ڪتاب مان بہ ظاهر آهي. فنڪارن لاءِ جيڪي ڪيائون تنهن جو اشارو ڏئي آيو آهيان، باقي ڳڻ ڳڻڻ کان ٻاهر آهن.

نرگس پنهنجي بي نوريءَ تي ڪيترو بہ روئي، هاڻي ههڙو ڀيو ديده ور ۽ داناءِ راز وري يا نصيب!!

## حوالا


1. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”راڳ نامو“ (مقدمو)، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، 1981ع، ص: 6، 7 ۽ 8.
2. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”علم موسيقي“، سنڌي ادبي بورڊ، 2006ع، ص: 37 کان 49.
3. ايضاً، ص: 48.
4. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ”سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ“، (پهريون ڇاپو)، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، 1978ع، ص: 21-22.
5. ايضاً، ص: 23.
6. ايضاً، ص: 24، 25 ۽ 26.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

7. ايضاً، ص: 195 کان 203.
8. ايضاً، ص: 195 کان 200.
9. ايضاً: ص: 197 کان 200.
10. قاضي ظهورالحق، ”رهنماءِ موسيقي“، پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف دي آرٽس، راولپنڊي/اسلام آباد، 1975ع، ص: 147 (ديس)، 160 (سورٺ).
11. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ“، ص: 292 کان 315.

**ڪتاب ۽ مقالا جيڪي ڊاڪٽر صاحب جن جي سوانح ۽ تحقيق لاءِ پڙهڻ کپن:**

1. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ”ڊاڪٽر بلوچ: هڪ مطالعو“، 1988ع.
2. جويو، تاج، ”مثالي عالم“ — جلد اول، 2001ع.
3. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ”اسان جو ڳوٺ جعفر خان لغاري“، 1998ع.
4. شيخ، محمد راشد، ”ڊاڪٽر بلوچ شخصيت اور فن“، اڪاڊمي ادبيات، پاڪستان، اسلام آباد، 2007ع.
5. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، ”ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: حيات و خدمات“، لاڙ ادبي سوسائٽي، بدين، 2006ع.
6. ”ڊاڪٽر بلوچ نمبر“، نئين زندگي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair